# ايلاف

# اسلاميات

## پهرين ڪلاس لاءِ

## (ٽيچر گائيڊ)

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابو عبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

SCIENCE PUBLICATIONS ®
KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
mehran_series@yahoo.com



# فهرست



| سبق | نمبر |
|---|---|
| **باب پهريون قرآن مجيد ۽ حديث نبوي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 03 |
| 1 ناظره قرآن مجيد | 03 |
| 2 حفظ قرآن مجيد | 04 |
| 3 حفظ ۽ ترجمو: ڪلمهء طيب | 05 |
| 4 سنا ڪلمات ۽ دعائون (زباني) | 06 |
| 5 حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 08 |
| **باب ٻيو ايمان ۽ عبادتون (الف) ايمان** | 09 |
| 1 توحيد جو تعارف | 09 |
| 2 نبوت ۽ رسالت | 11 |
| **(ب) عبادتون** | 14 |
| 1 مسجد | 14 |
| 2 آذان | 16 |
| 3 نماز | 18 |
| **باب ٽيون سيرت طيبه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 20 |
| 1 اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | 20 |
| 2 اسان جي پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جا اخلاق مبارڪ | 23 |
| **باب چوٿون اخلاق ۽ آداب** | 26 |
| 1 سنا اخلاق | 26 |
| 2 سلام ڪرڻ | 29 |
| **باب پنجون هدايت جا سرچشما ۽ مشاهيرِ اسلام** | 31 |
| 1 نبين سڳورن عليهم السلام جو تعارف | 31 |

باب پهريون

# قرآن مجيد ۽ حديث نبوي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

## (الف) ناظره قرآن مجيد

**مشق**

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: تعوذ ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ.

سوال: تسميہ ڇا کي چئبو آهي؟

جواب: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ.

سوال: قرآن مجيد ڪنهن جو ڪلام آهي؟

جواب: قرآن مجيد الله تعاليٰ جو ڪلام آهي.

سوال: قرآن مجيد ۾ ڪل ڪيتريون سورتون آهن؟

جواب: قرآن مجيد ۾ ڪل 114 سورتون آهن.

سوال: قرآن مجيد ۾ ڪيترا سيپارا آهن؟

جواب: قرآن مجيد ۾ 30 سيپارا آهن.

سوال: قرآن مجيد ۾ ڪيترا رڪوع آهن؟

جواب: قرآن مجيد ۾ 540 رڪوع آهن.



## (ب) حفظ قرآن مجيد

**مشق**

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: سورة الڪوثر ۾ گهٽيون آيتون آهن؟

جواب: سورة الڪوثر ۾ ٽي آيتون آهن.

سوال: سورة الاخلاص ۾ گهٽيون آيتون آهن؟

جواب: سورة الاخلاص ۾ چار آيتون آهن.

سوال: سورة الڪوثر قرآن مجيد جي ننڍي يا وڏي سورة آهي؟

جواب: سڀ کان ننڍي.

سوال: سورة الاخلاص قرآن پاڪ جي ڪهڙي سيپاري ۾ آهي؟

جواب: سورة الاخلاص قرآن پاڪ جي آخري سيپاري ۾ آهي.

سوال: سورة الاخلاص ۾ ڇا ٻڌايو ويو آهي؟

جواب: سورة الاخلاص ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو بيان آهي.

سوال: ٽي دفعا سورة الاخلاص پڙهڻ سان ڪيترو ثواب ملي ٿو؟

جواب: ٽي دفعا سورة الاخلاص پڙهڻ سان پورو قرآن مجيد پڙهڻ جو ثواب ملي ٿو.

# (ج) حفظ ۽ ترجمو     ڪلمہ طيب

**مشق**

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: ڪلمہ طيب ڇا کي چئبو آهي؟
جواب: پهرئين ڪلمي کي ڪلمہ طيب چئبو آهي.
سوال: اسان ڪنهن جي عبادت ڪريون ٿا؟
جواب: اسان الله تعاليٰ جي عبادت ڪريون ٿا.
سوال: الله تعاليٰ جو آخري رسول ڪير آهي؟
جواب: الله تعاليٰ جو آخري رسول حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ آهي.
سوال: سڀ کان افضل ذڪر ڪنهن کي قرار ڏنو ويو آهي؟
جواب: سڀ کان افضل ذڪر ڪلمہ طيب کي قرار ڏنو ويو آهي.

**(2) ڏنل لفظن جي مدد سان خالي جايون ڀريو.**

آخري     ڪلمہ طيب     پاڪ     عبادت

1. ڪلمہ طيب جي معنيٰ آهي **پاڪ**.
2. الله کان سواءِ ڪوبہ **عبادت** جي لائق ناهي.
3. حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ الله جو **آخري** رسول آهي.
4. سڀ کان افضل ذڪر **ڪلمہ طيب** کي قرار ڏنو ويو آهي.

**(3) درست جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.**

1. ڪلمہ طيب جي پهرئين حصي ۾ بيان آهي:
(الف) عقيدهء رسالت جو     (ب) عقيدهء آخرت جو
✓(ج) عقيدهء توحيد جو
2. مسلمان ٿيڻ کان پهريان سچي دل سان پڙهڻ ضروري آهي:
✓(الف) ڪلمہ طيب     (ب) درود شريف     (ج) استغفار



# (د) سنا ڪلمات

**مشق**

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: ڪابہ سٺي شيءِ ڏسڻ وقت ڇا پڙهڻ گهرجي؟
جواب: مَاشَآءَاللهُ
سوال: اسان کي ڪنهن کان دعا گهرڻ گهرجي؟
جواب: الله تعاليٰ کان.
سوال: ڇا دعا سان ڪم سولا ٿي ويندا آهن؟
جواب: دعا گهرڻ سان الله تعاليٰ جي مدد شامل ٿي ويندي آهي.
سوال: علم ۾ اضافي جي دعا لکو.
جواب: رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا.

**(2) سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙي موقعي تي ڇا پڙهڻ گهرجي.**

| | |
|---|---|
| 1. ڪاڌي ڪائڻ اڳ جي دعا | بِسْمِ اللهِ وَعَلٰى بَرَكَةِ اللهِ |
| 2. مٿي چڙهڻ مهل جي دعا | اَللهُ اَكْبَرُ |
| 3. هيٺ لهڻ مهل جي دعا | سُبْحَانَ اللهِ |
| 4. جڏهن ڪو سٺو ڪم ڪرڻ جو ارادو هجي تہ | اِنْ شَآءَ اللهُ |

**(3) سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙو جواب صحيح آهي:**

1. اسان کي خوشي ۽ تڪليف ۽ صحيح ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪنهن کان دعا گهرڻ گهرجي؟

✓(الف) الله تعاليٰ کان　　(ب) ماءُ پيءُ کان

(ج) دوست کان

2. اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪوبہ ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪنهن کان دعا گهرندا هئا؟

(الف) صحابہ ڪرام کان　　✓(ب) الله تعاليٰ کان

(ج) والدين کان

3. دعا گهرڻ سان الله تعاليٰ جي ڇا شامل ٿي ويندي آهي؟

✓(الف) مدد　　(ب) رحمت　　(ج) برڪت



## (هہ) حديث نبوي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي تہ:

اَلطَّهُوْرُ شَطْرُ الْاِيْمَانِ

ترجمو: صفائي نصف ايمان آهي. (صحيح مسلم، حديث: 534)

باب ٻيو

# ايمان ۽ عبادتون

## (الف) ايمان

### (1) توحيد جو تعارف

**مشق**

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: اسان سڀ ڪنهن جي عبادت ڪندا آهيون؟

جواب: اسان سڀ الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا آهيون.

سوال: اسان سڀني کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟

جواب: اسان سڀني کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي.

سوال: اسان سڀني کي ڪنهن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان سڀني کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

(2) **سوچي ڪري لکو ته ڪهڙو جواب صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط آهي.**

1. الله تعاليٰ هڪ آهي. (صحيح)
2. الله تعاليٰ عبادت جي لائق آهي. (صحيح)
3. الله تعاليٰ اسان جي هر ڳالهه ٻڌندو آهي ۽ ڏسندو آهي. (صحيح)
4. الله تعاليٰ سڀ کان وڏو ۽ اڪيلو آهي. (صحيح)
5. اسان کي هر حال ۾ الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. (صحيح)



(3) **سوچي ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي خالي جڳهه تي ڪهڙو لفظ ايندو.**

الله تعاليٰ    هڪ    شڪر    تعريف    الله تعاليٰ

1. **الله تعاليٰ** سڄي ڪائنات جو رب آهي.
2. الله تعاليٰ سڀ **تعريف** جي لائق آهي.
3. **الله تعاليٰ** اسان جي هر ڳالهه ٻڌي ۽ ڏسي ٿو.
4. اسان کي الله جو **شڪر** ادا ڪرڻ گهرجي.
5. اها پاڪ ذات، جنهن جو نالو الله آهي، اهو **هڪ** آهي.

## (2) نبوت ۽ رسالت (نبي سڳورا عليهم السلام)

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: الله تعاليٰ جي سڀ کان پهرئين نبي عليه السلام جو نالو ٻڌايو؟

جواب: حضرت آدم عليه السلام.

سوال: الله تعاليٰ جي سڀ کان آخري نبي عليه السلام جو نالو ٻڌايو؟

جواب: **حضرت محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ.

سوال: سڀني نبين سڳورن عليهم السلام ماڻهن کي ڪهڙي ڳالهه جو حُڪم ڏنو؟

جواب: سڀني نبين سڳورن عليهم السلام ماڻهن کي هڪ الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ، سٺن ڪمن ڪرڻ ۽ برن ڪمن کان رڪجڻ جو حُڪم ڏنو.

سوال: ڪن ٻه ٽئن نبين سڳورن عليهم السلام جا نالا لکو؟

جواب: حضرت آدم عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام، حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ اسان جا پيارا آخري نبي **حضرت محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ.

**(2) سوچي ڪري لکو، ڪهڙو جواب صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط:**

1. سڀني نبين سڳورن عليهم السلام اسان کي هڪ الله جي عبادت جو حُڪم ڏنو. **(صحيح)**



2. حضرت آدم عليهم السلام سڀني کان آخري نبي آهي. **(غلط)**
3. **اسان جا پيارا نبي حضرت محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ آخري نبي آهن. **(صحيح)**
4. **قرآن مجيد** ۾ 26 نبين سڳورن عليهم السلام جا نالا آيا آهن. **(صحيح)**
5. **اسان جو پيارو آخري نبي حضرت محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ، سڀني نبين سڳورن عليهم السلام جو سردار آهي. **(صحيح)**

**(3) سوچي ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي خالي جاءِ تي ڪهڙو لفظ ايندو:**

انسانن خاص محمد 26 آدم

1. سڀئي نبي سڳورا عليهم السلام **انسانن** مان هئا.
2. سڀئي نبي سڳورا عليهم السلام، الله تعاليٰ جا **خاص** ٻانها آهن.
3. سڀ کان پهريون نبي حضرت **آدم** عليه السلام آهي.
4. سڀ کان آخري نبي حضرت **محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ آهي.
5. 26 نبين سڳورن عليهم السلام جو ذڪر قرآن مجيد ۾ آهي.

(4) **هيٺين نبين سڳورن عليهم السلام جا نالا انهن جي زمانن جي لحاظ سان صحيح ترتيب ۾ لکو.**

| | |
|---|---|
| 1. حضرت دائود عليه السلام | **1. حضرت آدم عليه السلام** |
| 2. حضرت عيسيٰ عليه السلام | **2. حضرت نوح عليه السلام** |
| 3. حضرت نوح عليه السلام | **3. حضرت دائود عليه السلام** |
| 4. حضرت آدم عليه السلام | **4. حضرت عيسيٰ عليه السلام** |
| 5. حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ | **5. حضرت محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ |



# (ب) عبادتون

## (1) (مسجد)

### مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: مسلمان مسجد ۾ ڇو ويندا آهن؟

جواب: مسلمان مسجد ۾ الله تعاليٰ جي عبادت ۽ نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ ويندا آهن.

سوال: مسلمان ڏينهن ۾ گهٽيون نمازون پڙهندا آهن؟

جواب: مسلمان روزانو ڏينهن ۾ پنج نمازون پڙهندا آهن.

سوال: مسجد ڪنهن جو گهر آهي؟

جواب: مسجد الله تعاليٰ جو گهر آهي.

سوال: سڄي دنيا ۾ مسلمان ڪهڙي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا آهن؟

جواب: سڄي دنيا ۾ سيئي مسلمان خانہ ڪعبه جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا آهن.

سوال: روزانو پڙهيون ويندڙ نمازون ڪهڙيون آهن، نالا ٻڌايو.

جواب: صبح، ٻپهري، ٽپهري، سانجهي، سومهڻي

(2) **سوچي ڪري لکو تہ ڪهڙو جواب صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط.**

1. مسلمانن تي روزانو ڇهہ نمازون فرض آهن. **(غلط)**
2. سڄي دنيا ۾ مسلمان خانہ ڪعبه جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا آهن. **(صحيح)**
3. مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ جو ثواب اڪيلي نماز پڙهڻ کان 20 درجا بهتر آهي. **(غلط)**

4. ڌرتيءَ تي سڀ کان پهريان بيت الله (خانهء ڪعبه) جي تعمير ڪئي وئي. **(صحيح)**

5. اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو، نماز منهنجي اکين جو ٺار آهي. **(صحيح)**

(3) **سوچي ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي خال ۾ ڪهڙو لفظ ايندو.**

الله تعاليٰ نماز مسجد نماز پاڪ

1. اسلام ۾ مسجد **پاڪ** ۽ برڪت واري جاءِ آهي.
2. مسجد **الله تعاليٰ** جو گهر آهي.
3. هميشه **مسجد** کي پاڪ ۽ صاف رکڻ گهرجي.
4. اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو، **نماز** منهنجي اکين جو ٺار آهي.
5. اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو، **نماز** جنت جي داخل ٿيڻ جي چابي آهي.

(4) **سوچي ڪري ٻڌايو ته ڪهڙو جملو ڪنهن سان ملندو:**

| | |
|---|---|
| اسلام ۾ مسجد پاڪ | ۽ برڪت واري جاءِ آهي. |
| مسجد الله تعاليٰ | جو گهر آهي. |
| مسجد ۾ مسلمان روزانو | پنج وقت نماز ادا ڪندا آهن. |
| ڌرتيءَ تي سڀ کان پهريان | بيت الله (خانهء ڪعبه) تعمير ڪيو ويو. |
| جنهن مسلمان الله تعاليٰ کي خوش ڪرڻ | جي لاءِ مسجد ناهي، الله تعاليٰ ان جي جنت ۾ گهر ناهيندو. |





# (2) آذان

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: نماز جي لاءِ سڏڻ کي ڇا چئبو آهي؟
جواب: نماز جي لاءِ سڏڻ کي آذان چئبو آهي.
سوال: آذان ڏيڻ واري کي ڇا چئبو آهي؟
جواب: آذان ڏيڻ واري کي مؤذن چئبو آهي.
سوال: ڇا آذان جو جواب ڏيڻ گهرجي؟
جواب: جي ها، آذان جو جواب ڏيڻ سان تمام گهڻيون نيڪيون ملنديون آهن.
سوال: روزانو گهڻا ڀيرا آذان ڏنو ويندو آهي؟
جواب: روزانو پنج ڀيرا آذان ڏنو ويندو آهي.
سوال: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مسجد جو مؤذن ڪير هو؟
جواب: حضرت بلال رضي الله عنه

(2) **سوچي ڪري لکو ته ڪهڙو جواب صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط.**

1. آذان جي لاءِ سڏڻ کي نماز چئبو آهي. **(غلط)**
2. هر نماز کان اڳ ۾ آذان ڏنو ويندو آهي. **(صحيح)**
3. نماز جو آواز ٻڌي ماڻهو آذان طرف ايندا آهن. **(غلط)**
4. سانجهي جي آذان ۾ اَلصَّلٰوۃُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ جو واڌارو ڪيو ويندو آهي. **(غلط)**
5. آذان ڏيڻ واري کي مؤذن چئبو آهي. **(صحيح)**

(3) **سوچي ڪري ٻُڌايو، ڪهڙي جاءِ تي ڪهڙو لفظ ايندو.**

مسجد آذان پنج مؤذن پهريان

1. نماز جي لاءِ **آذان** ڏنو ويندو آهي.
2. ڏينهن ۾ روزانو **پنج** ڀيرا آذان ڏنو ويندو آهي.
3. آذان ڏيڻ واري کي **مؤذن** چئبو آهي.
4. هر نماز کان **پهريان** آذان ڏنو ويندو آهي.
5. آذان جو آواز ٻُڌي ماڻهو نماز جي لاءِ **مسجد** جو رُخ ڪندا آهن.

(4) **سوچي ڪري ٻُڌايو تہ ڪهڙو جملو ڪنهن سان ملائڻو آهي.**

| | |
|---|---|
| نماز جي لاءِ سڏيندڙ | آذان ڏنو ويندو آهي. |
| هر نماز کان اڳ ۾ | کي مؤذن چئبو آهي. |
| آذان جو آواز ٻُڌي | بلند آواز سان ڏيڻ گهرجي. |
| آذان سدائين | ماڻهو نماز جي لاءِ مسجد طرف ايندا آهن. |
| آذان جي وقت گفتگو ۽ ____ ڪم ڪار | ڇڏي آذان جو جواب ڏيڻ گهرجي. |



# (3) نماز

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: الله تعاليٰ اسان کي ڇا جي لاءِ پيدا ڪيو آهي؟
جواب: الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو آهي.

سوال: نماز پڙهڻ کان اڳ ۾ وضو ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟
جواب: نماز پڙهڻ کان اڳ صاف ۽ پاڪ ٿيڻ جي لاءِ وضو ڪرڻ ضروري آهي.

سوال: الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ جو بهترين طريقو ڪهڙو آهي؟
جواب: الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ جو سڀ کان بهترين طريقو نماز آهي.

سوال: اسان کي روزانو گهڻا وقت نماز پڙهڻ جو حُڪم ڏنو ويو آهي؟
جواب: اسان کي روزانو پنج وقت نماز پڙهڻ جو حُڪم ڏنو ويو آهي.

سوال: ڇا نماز پڙهڻ هر مسلمان تي فرض آهي؟
جواب: جي ها، هر مسلمان عاقل ۽ بالغ تي پنج وقت نماز پڙهڻ فرض آهي.

(2) **سوچي ڪري لکو تہ ڪهڙو جواب صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط.**

1. عبادت جو بهترين طريقو نماز آهي. **(صحيح)**
2. اسان کي الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ گهرجي. **(صحيح)**
3. اسان تي روزانو ڇهہ وقت نمازون فرض ڪيون ويون آهن. **(غلط)**

4. هر نماز پڙهڻ کان اڳ ۾ وهنجڻ گهرجي. **(غلط)**
5. اسان کي الله تعاليٰ راند روند ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. **(غلط)**

**(3) سوچي ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي خالي جاءِ تي ڪهڙو لفظ ايندو:**

نماز وضو پنج معراج مسجد

1. عبادت جو سڀ کان بهترين طريقو **نماز** آهي.
2. نماز پڙهڻ کان اڳ ۾ اسان کي **وضو** ڪرڻ گهرجي.
3. هر مسلمان تي روزانو **پنج** نمازون فرض آهن.
4. نماز جو تحفو اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي **معراج** جي رات عطا ٿيو.
5. اسان کي پنج ئي نمازون **مسجد** ۾ ادا ڪرڻ گهرجن.

**(4) پنجن نمازن جا نالا ڳوليو ۽ انهن ۾ مختلف رنگ ڀريو:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ب | ر | غ | م | ع | ف |
| ر | ج | ف | ع | ش | ظ |
| ڪ | م | ل | ص | ا | ه |
| ر | و | ج | ر | ء | ر |



باب ٽيون

## سيرتِ طيبه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

### (1) اسان جا پيارا آخري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ

**مشق**

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪهڙي تاريخ ۽ ڪهڙي ڏينهن تي پيدا ٿيا؟

جواب: اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ 12 ربيع الاول، سومر جي ڏينهن تي پيدا ٿيا.

سوال: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي والد ۽ والده جو نالو ڇا هو؟

جواب: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي والد جو نالو حضرت عبدالله ۽ والده جو نالو حضرت آمنه هو.

سوال: اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا ۾ ڪيتري عمر هئي؟

جواب: 63 سال.

سوال: ڇا اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کان پوءِ ڪو نبي ايندو؟

جواب: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي الله تعاليٰ آخري نبي بنائي موڪليو. هاڻي ڪو به نبي نه ايندو.

سوال: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪهڙو ڪتاب نازل ڪيو ويو؟

جواب: اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي قرآن پاڪ نازل ڪيو ويو.

(2) **سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪھڙو جواب صحيح آهي ۽ ڪھڙو غلط:**

1. اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪل عمر 65 سال هئي. **(غلط)**
2. اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ مديني منوره ۾ پيدا ٿيا. **(غلط)**
3. اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي والد جو نالو حضرت عبدالله هو. **(صحيح)**
4. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي معراج جي رات تحفي ۾ قرآن مليو. **(غلط)**
5. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو روضو مبارڪ مدينہ منوره ۾ آهي. **(صحيح)**

(3) **سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪھڙو لفظ ڪھڙي جاءِ تي لکڻو آهي:**

سومر مڪي شريف 12 بهترين آخري

1. اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ 12 ربيع الاول تي پيدا ٿيا.
2. اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ **سومر** ڏهاڙي تي دنيا ۾ آيا.
3. اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ **مڪي شريف** ۾ پيدا ٿيا.
4. اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ دنيا جا سڀ کان بهترين انسان آهن.
5. اسان جي پياري آقا حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي **آخري** نبي بڻائي موڪليو ويو.



(4) **سوچي ڪري ٻڌايو تہ ڪھڙي جملي کي ڪھڙي جملي سان ملائڻو آهي:**

| | |
|---|---|
| پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي والد | جو نالو حضرت آمنہ آهي. |
| پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي والده | جو نالو حضرت عبدالله آهي. |
| پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي عمر اٺ | قرآن جهڙو عظيم ڪتاب عطا ڪيو ويو. |
| پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن کي | سال ٿي تہ ڏاڏو بہ وفات ڪري ويو. |
| اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ | جي زندگي اسان جي لاءِ بهترين مثال آهي. |

## (2) اسان جي پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جا اخلاق مبارڪ

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي صادق ڇو چيو ويندو هو؟

جواب: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي مڪي جا ماڻهو صادق انهيءَ ڪري چوندا هئا، جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سدائين سچ ڳالهائيندا هئا.

سوال: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي مڪي جا ماڻهو امين ڇو چوندا هئا؟

جواب: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ وٽ مڪي جا ماڻهو امانتون رکندا هئا، انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي امين چوندا هئا.

سوال: پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ٻارن سان ڪهڙيءَ ريت ڳالهائيندا هئا؟

جواب: پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ٻارن سان محبت ۽ پيار سان ڳالهائيندا هئا.

سوال: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪافرن سان ڪهڙو سلوڪ هوندو هو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان جيڪڏهن ڪو ڪافر به ڳالهائيندو هو، ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ان سان به محبت سان ڳالهائيندا هئا.

سوال: پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي گهر ۽ خاندان وارن سان ڪيئن ڳالهائيندا هئا؟



جواب: پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي گهر وارن ۽ مٽن مائٽن جي عزت ڪندا هئا ۽ انهن سان محبت سان ڳالهائيندا هئا.

**(2) سوچي ڪري لکو ته ڪهڙو جواب صحيح آهي ۽ ڪهڙو غلط:**

1. اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سدائين سچ ڳالهائيندا هئا. **(صحيح)**
2. اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ صادق ۽ امين آهن. **(صحيح)**
3. اسان جا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي گهر وارن ۽ خاندان وارن سان محبت نه ڪندا هئا. **(غلط)**
4. اسان جا پيارا آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪافرن سان ڪاوڙ ۾ ڳالهائيندا هئا. **(غلط)**
5. اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ٻارن سان ڏاڍو پيار ڪندا هئا. **(صحيح)**

**(3) سوچي ڪري لکو ته ڪهڙو لفظ ڪهڙي جاءِ تي لکبو:**

پيار — امانتون — امين — سچ — عادت

1. اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سدائين **سچ** ڳالهائيندا هئا.
2. اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي مڪي جا ماڻهو **امين** چوندا هئا.
3. اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ وٽ مڪي جا ڪافر **امانتون** رکندا هئا.

4. اسان جا پيارا آقا ﷺ ٻارن سان ڏاڍو **پيار** ڪندا هئا.
5. اسان جي پياري آقا ﷺ جي **عادت** هئي تہ هر ماڻهوءَ سان پيار سان ڳالهائيندا هئا.

**(4) پيارا ٻارو، سوچيو تہ ڪهڙو جملو ڪهڙي جملي سان ملائڻو آهي.**

اسان کي پنهنجن وڏن ۾ ماءُ_____کي سلام ڪرڻ گهرجي.
پيءُ

| | |
|---|---|
| اسان کي پنهنجي استاد صاحبان ۾ | وٽ امانتون رکندا هئا. |
| مڪي جا ڪافر بہ پاڻ سڳورن ﷺ | دوستن سان اخلاق سان پيش اچڻ گهرجي. |
| مڪي جا ڪافر بہ پاڻ سڳورن ﷺ | بہ ڳالهائيندو هو تہ پاڻ سڳورا محبت سان ڳالهائيندا هئا. |
| پاڻ سڳورا ﷺ سان ڪو ڪافر | کي صادق ۾ امين چوندا هئا. |



باب چوٿون

# اخلاق ۽ آداب

## (1) سٺا اخلاق

### مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: ڇا اسان جا آقا ﷺ انسانن، جانورن ۽ پکين سان پيار ڪندا هئا؟

جواب: جي ها، اسان جا آقا ﷺ سڀني انسانن، جانورن ۽ پکين سان پيار ڪندا هئا، ڇاڪاڻ جو پاڻ سڳورا ﷺ سڀني جهانن جي لاءِ رحمت بڻجي آيا.

سوال: اسان جا آقا ﷺ ڪهڙا اخلاق کڻي هن دنيا ۾ آيا؟

جواب: اسان جا پيارا آخري نبي ﷺ اعليٰ اخلاق کڻي هن دنيا ۾ آيا.

سوال: ڇا اسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڳالهہ مڃڻ گهرجي؟

جواب: جي ها، سٺا ٻار اهي آهن، جيڪي پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڳالهہ مڃيندا آهن.

سوال: ڇا توهان اسڪول جو ڪم وقت تي ڪندا آهيو؟

جواب: جي ها، اسان پنهنجي اسڪول جو مليل هوم ورڪ وقت تي ڪندا آهيون.

سوال: ڇا توهان ڪڏهن وقت جي پابندي ڪئي آهي؟

جواب: جي ها، اسان وقت جي پابندي ڪندا آهيون ۽ روزانو وقت تي اسڪول ويندا آهيون.

سوال: سٺن اخلاقن مان ڇا مراد آهي؟

جواب: سٺن اخلاقن مان مراد ماڻهن سان سٺي نموني پيش اچڻ آهي.

**(2) سوچي ڪري ٻڌايو ۽ ها يا نہ ۾ جواب ڏيو.**

1. ڇا اسان هميشہ پنهنجي استاد صاحبان جو احترام ڪندا آهيون؟ **(ها)**
2. ڇا اسان هميشہ هوم ورڪ تي ڪندا آهيون؟ **(ها)**
3. ڇا اسان هميشہ سيني کي سلام ڪندا آهيون؟ **(ها)**
4. ڇا اسان پنهنجي پاڙيسرين جو خيال رکندا آهيون؟ **(ها)**
5. ڇا اسان ڪنهن کان شيءِ وٺي، جلدي واپس ڪئي آهي؟ **(ها)**

**(3) سوچي ڪري ٻڌايو، ڪهڙو لفظ ڪهڙي جاءِ تي لڳڻو آهي:**

ڳالهہ محبت مدد معاف پاڙيسرين

1. اسان کي سدائين پنهنجي دوستن جي **مدد** ڪرڻ گهرجي.
2. دوستن کان جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وڃي تہ **معاف** ڪرڻ گهرجي.
3. اسان کي ڪو بہ اهڙو ڪم نہ ڪرڻ گهرجي، جو اسان جي **پاڙيسرين** کي تڪليف ٿئي.
4. اسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ جي هر **ڳالهہ** مڃڻ گهرجي.
5. هڪٻئي کي تحفو ڏيو تہ جيئن پاڻ ۾ **محبت** وڌي.



**(4) پيارا ٻارو سوچي ڪري جملن کي پاڻ ۾ ملايو:**

| | |
|---|---|
| اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ اعليٰ اخلاق | سلام ڪرڻ سان محبت وڌي ٿي. |
| اسان کي پنهنجي ڪلاس ۾ هر | وقت تي هوم ورڪ ڪرڻ گهرجي. |
| اسان کي هميشہ ٻين کي سلام ڪرڻ گهرجي ڇو تہ | شيءِ جلدي واپس ڪرڻ گهرجي. |
| اسان کي وقت تي اسڪول وڃڻ گهرجي ۽ | هڪ سان محبت سان پيش اچڻ گهرجي. |
| پيارا ٻارو! هميشہ ٻين جي | جا مالڪ بڻجي دنيا ۾ آيا. |

# (2) سلام ڪرڻ

## مشق

**(1) سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: اسان سلام ڇو ڪندا آهيون؟

جواب: سلام ڪرڻ اسان جي پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت مبارڪ آهي.

سوال: سلام ڪرڻ سان ڪهڙو فائدو ٿيندو آهي؟

جواب: سلام ڪرڻ سان پاڻ ۾ محبت وڌي ٿي.

سوال: ڇا سلام ڪرڻ سان اسان کي ڪا نيڪي بہ ملي ٿي؟

جواب: جي ها، سلام ڪرڻ واري کي ۽ ان جو سٺو جواب ڏيڻ واري کي ڪوڙ نيڪيون ملن ٿيون.

سوال: السلام عليڪم جو سنڌي ترجمو ڇا آهي؟

جواب: الله تعاليٰ جي توهان تي سلامتي هجي.

سوال: وعليڪم السلام جو سنڌي ترجمو ڇا آهي؟

جواب: توهان تي بہ الله تعاليٰ جي سلامتي هجي.

**(2) سوچي ٻڌايو تہ توهان ڪهڙي ڳالھ تي عمل ڪندا آهيو:**

1. ڇا توهان ملاقات جي وقت سلام ڪندا آهيو؟ **(ها)**
2. ڇا توهان پنهنجي استاد کي سلام ڪندا آهيو؟ **(ها)**
3. ڇا توهان گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪندا آهيو؟ **(ها)**
4. ڇا توهان بهتر انداز ۾ سلام جو جواب ڏيندا آهيو؟ **(ها)**



**(3) پيارا ٻارو، سوچي سمجهي ٻڌايو تہ ڪهڙي جملي ۾ ڪهڙو لفظ لڪل آهي:**

محبت سلام سنت ناراض وڌن

1. سلام ڪرڻ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري **سنت** آهي.
2. سلام جو جواب نہ ڏيڻ سان الله پاڪ **ناراض** ٿيندو آهي.
3. ننڍين ٻارن کي گهرجي تہ اهي **وڏن** کي سلام ڪن.
4. سلام ڪرڻ سان پاڻ ۾ **محبت** وڌي ٿي.
5. گهر مان نڪرڻ وقت ۽ داخل ٿيڻ وقت **سلام** ڪريو.

باب پنجون

# هدايت جا سرچشما ۽ اسلام جا مشاهير

# نبين سڳورن عليهم السلام جو تعارف

## مشق

(1) **سبق جو جائزو وٺو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

سوال: الله تعاليٰ، انسانن جي هدايت جي لاءِ ڪنهن کي موڪليو؟

جواب: الله تعاليٰ، انسانن جي هدايت جي لاءِ هر دور ۾ نبي سڳورا عليهم السلام موڪليا.

سوال: سڀ کان پهريان ڪهڙي نبيءَ کي دنيا ۾ موڪليو ويو؟

جواب: سڀ کان پهريان حضرت آدم عليه السلام کي دنيا ۾ نبي بڻائي موڪليو ويو.

سوال: سڀ کان آخر ۾ ڪهڙي نبي کي دنيا ۾ موڪليو ويو؟

جواب: سڀ کان آخر حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي دنيا ۾ آخري نبي بڻائي موڪليو ويو.

سوال: سيني نبين سڳورن کي دنيا ۾ موڪلڻ جو مقصد ڇا هو؟

جواب: سيني نبين سڳورن عليهم السلام الله تعاليٰ جي عبادت ۽ نيڪيءَ جو حڪم ڏنو ۽ برائيءَ کان رڪجڻ جو حڪم ڏنو.

سوال: نبين سڳورن عليهم السلام کان پوءِ هاڻي اهو ڪم ڪير ڪري ٿو؟

جواب: نبين سڳورن عليهم السلام کان پوءِ هاڻي اهو ڪم الله تعاليٰ جا نيڪ ٻانها ڪن ٿا.

سوال: خاتم النبيين ڪنهن کي بڻائي موڪليو ويو؟

جواب: حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ کي خاتم النبيين بڻائي موڪليو ويو.



(2) **سوچي ڪري ٻُڌايو ته ڪهڙي جملي ۾ ڪهڙو لفظ ايندو:**

هدايت محمد آدم وڌيڪ برائي

1. الله تعاليٰ انسانن جي **هدايت** جي لاءِ هر دور ۾ نبين سڳورن عليهم السلام کي موڪليو.
2. سڀ کان پهريان دنيا ۾ حضرت **آدم** عليه السلام دنيا ۾ آيا.
3. سڀ کان آخر دنيا ۾ حضرت **محمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ دنيا ۾ آيا.
4. سيني نبين سڳورن جو ڪم الله تعاليٰ جو پيغام ڏيڻ، نيڪيءَ جي دعوت ۽ **برائي** کان روڪڻ آهي.
5. سيئي نبي سڳورا عليهم السلام ماڻهن ۾ سڀ کان **وڌيڪ** نيڪ ۽ پرهيزگار هئا.

(3) **سوچي ڪري صحيح جملن کي پاڻ ۾ ملايو.**

| | |
|---|---|
| سيني نبين سڳورن پنهنجي دؤر ۾ | نيڪيءَ جو حڪم ۽ برائيءَ کان رڪجڻ لاءِ چيو. |
| سيني نبين سڳورن ماڻهن کي | سڀ کان وڏيڪ نيڪ ۽ پرهيزگار هئا. |
| سيئي نبي سڳورا عليهم السلام | ماڻهن کي هڪ الله جي عبادت ڪرڻ لاءِ چيو. |
| سڀ کان پهريان دنيا ۾ حضرت | محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلىٰ آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ آيا. |
| سڀ کان آخر ۾ دنيا ۾ حضرت | آدم عليه السلام آيا |